# صحيح يا غلط

**الف :**شينهن وڏن جانورن کي کائي سگهي ٿو، مثال طور، ڳئون، ٻڪري ۽ هرڻ وغيره.

**ب :**هرڻ فقط ننڍڙا جانور کائي سگهي ٿو.

**پ :**ڏيڏر خشڪي ۽ پاڻي ٻنهي ۾ رهي سگهي ٿو.

**ت :**مڪ هڪ ننڍڙو پکي آهي.

**ث :**تڏ جون اٺ اکيون هونديون آهن.

**ٺ :**مانگرمڇ ڳوڙها نه ٿو ڳاڙي سگهي.

**ج :**چمڙو انڊو هوندو آهي.

**چ :**ٽوڪيو جپان جي گادي جو هنڌ آهي.

**ح :**ويٽيڪين سٽي (پاپائي روم جي هڪ جڳهه) دنيا جو سڀ کان ننڍو ملڪ آهي.

**خ :**انگلستان يورپ جي گادي جو هنڌ آهي.

**د :**دبئي ايشيا جو هڪ ملڪ آهي.

**ڊ :**آئيس لينڊ ملڪ برف سان ڍڪيل آهي.

**ذ :**گرين لينڊ ساوڪ سان ڍڪيل آهي.

**ر :**پاڪستان مان آمريڪا ريل ذريعي وڃڻ ممڪن آهي.

**ڙ :**موناڪو يورپ جو ايترو ته ننڍڙو ملڪ آهي جو اتي هوائي اڏو به ڪونهي.

**ز :**آسٽرليا ملڪ به آهي ۽ کنڊ به آهي.

**س :**روس دنيا جو سڀني کان وڏو ملڪ آهي.

**ش :**دنيا جا سڀني کان وڏيڪ مينگروز جنگل بنگلاديش ۾ آهن.

**ص :**هماليه جبل جي سڀ کان مٿاهين چوٽي مائونٽ ايورسٽ پارٽ ۾ آهي.

**ض :**انسان پنهنجي دماغ جو ڪل ڏهه في سيڪڙو استعمال ڪندو آهي.

**نوٽ**

هڪ ڪاغذ تي مٿي ڏنل جملن تي پنهنجي راءِ لکو. پهريائين جملي کي واضح ڪيو ۽ پوءِ جي توهان ان کي صحيح ٿا سمجهو ته **"ص** "لکو ۽ جي غلط ٿا سمجهو ته **"غ** "لکو.

آخر ۾ درست جملن جي هن فهرست کي پڙهو ۽ پنهنجي معلومات ۾ واڌارو ڪيو.

**درست جملا**

**الف :ص .**شينهن گوشت خور جانور آهي.

**ب :غ .**هرڻ سبزي خور جانور آهي، اهو گوشت نه کائيندو آهي.

**پ :ص .**ڏيڏر خشڪي ۽ پاڻي ٻنهي تي رهي سگهندو آهي.

**ت :غ .**مک جيت آهي، پکي ناهي.

**ث :ص .**پر تڏين جو هڪ اهڙو به قسم آهي، جن ۾ هنن جون اکيون انن کان گهٽ هونديون آهن.

ٿ :**ص** .پر ماگرمڇ ڏک جا ڳوڙھا ڪونه وھائيندو آھي، ھو رڳو ڳوڙھن ذريعي پنھنجي اکين کي آلو رکڻ چاھيندو آھي.

ج :**غ** .چمڙو انڌو ڪونه ھوندو آھي.

ڄ :**ص** .ٽوڪيو جپان جي گادي جو ھنڌ آھي.

ح :**ص** .ويٽيڪين سٽي (پاپائي روم) دنيا جو سڀ کان ننڍڙو ملڪ آھي. ھن جا ڪل شھري اٺ سؤ کان به گھٽ آھن.

خ :**غ** .انگلستان يورپ جو ھڪ ملڪ آھي، گادي جو ھنڌ ناھي.

د :**غ** .دبئي ملڪ ناھي، اھو ھڪ شھر آھي. اھو گڏيل عرب امارات جو ھڪ حصو آھي ۽ انھن ستن امارتن مان ھڪ آھي.

ڊ :**غ** .آئيس لينڊ جو فقط ھڪ حصو برف سان ڍڪيل آھي، باقي ملڪ سرسبز آھي.

ڏ :**غ** .گرين لينڊ جو رڳو ويھه سيڪڙو حصو سرسبز آھي، باقي سڄو ملڪ برف سان ڍڪيل آھي.

ر :**غ** .پاڪستان کان آمريڪا پورو سفر ريل ذريعي ڪرڻ ناممڪن آھي، ڇاڪاڻته آمريڪا جي وچ ۾ سمنڊ آھي.

ڙ :**ص** .موناڪو ۾ ھموار زمين تمام گھٽ آھي. باقي سڄو حصو جبلن سان ڍڪيل آھي، جھازن جي رن وي لاءِ سڌي ۽ ھموار زمين جو ھجڻ لازمي آھي.

ز :**ص** .آسٽرليا ملڪ به آھي ۽ کنڊ به آھي.

س :**ص** .روس دنيا جو سڀ کان وڏو ملڪ آھي.

**ش :ص** .دنيا جا سڀ کان وڏيڪ مينگروز جنگل بنگلاديش ۾ آهن.

**ص :غ** .دنيا جي سڀ کان اوچي چوٽي مائونٽ ايورسٽ نيپال ۽ تبت (چين جي خودمختيار علائقي) جي سرحد تي آهي.

**ض :غ** .اڄڪلهه جي سائنسدانن مطابق انسان پنهنجو سڄو دماغ استعمال ڪندو آهي.

KAHANI CHAMAN
ڪهاڻي چمن